1. پروفيسر ڊاڪٽر ناهيد پروين

# خواجه غلام فريد جي صوفياڻي ڪلام جو مختصر جائزو

**Prof. Dr. Naheed Parveen**


***Abstract:***

## An analysis of the Sufi Poetry of Khawaja Ghulam Farid

*Khawaja Ghulam Farid is one of the most prominent poets of high stature in Seraiki language. His popularity among the masses and common folks witnesses the richness of his poetry. Khawja Ghulam Farid, son of a great Sufi saint Hazrat Farid-uddin Shakar Ganj, was born in Kot Mithan.*

*In mysticism teaching and path, Khawja Farid followed in the Ibn-e-Arabi and made him the true master. He was influenced by the Ham-o-Ost mystic school of thought and deep feelings and expressions of sorrows and separation is reflected in his Kalam which is also present in the poetry of Shah Abdul Latif and Sachal Sarmast.*

*In reality, all the Sufi poets reflect upon the same consciousness and objective of humanity in their poetry. Thus, the essence of their Kalam represents the same message and social consciousness. Khawaja Ghulam Farid's poetry is a precious treasure of Seriaki language and literature. Though, he was the poet of modern era in comparison to other classical poets because it was the same era when British Raj overtook the Indian sub-continent.*

*Khawaja Ghulam Farid was the poet of masses; he depicted the common masses in his poetry which made him very popular poet. This paper is an effort to highlight the richness in his Kalam; which is close to the hearts of common people and their social life.*


*سرائيڪي* شاعريءَ جو باڪمال شاعر خواجه غلام فريد، جنهن تي سندس والد عظيم صوفي بزرگ حضرت فريد الدين شڪر گنج جي نانءَ پٺيان نالو رکيو ويو، سو ديري غازي خان جي ڳوٺ ڪوٽ مٺڻ ۾ تاريخ 26 ذوالحج اڳاري جي ڏينهن 1261 هجري بمطابق 1845ع ۾ پيدا ٿيو.

ڏنو وڃي ته سرائيڪي ٻولي، سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۽ سرحد صوبن جي سرحدن تي هڪ وڏي حصي جي ٻولي آهي، جيڪا هاڻوڪي پنجاب جي علائقن ملتان، بهاولپور، ديري غازي خان، ديري اسماعيل خان، صادق آباد، رحيم يار خان ۾ ٿوري ٿوري فرق سان رائج آهي. سنڌ ۾ پڻ ڪيترائي قبيلا ۽ مختلف ذاتيون سرائيڪي ٻولي ڳالهائين ٿيون، جن ۾ گهڻائي بلوچ قبيلن جي آهي. سنڌ جي سرائيڪيءَ ۽ سنڌيءَ ۾ تمام گهڻي ويجهڙائپ آهي.

خواجه غلام فريد جي نسب جو سلسلو حضرت عمر فاروق رضي الله عنهہ سان ملي ٿو. سندس خاندان جي بزرگن وٽ باطني علم ۽ ظاهري علم موجود هو. خواجه غلام فريد ننڍي هوندي کان نهايت ئي ڏاهو ۽ هوشيار هو. انن سالن جي ننڍي عمر ۾ ئي قرآن مجيد حفظ ڪري ورتائين. سندس تعليم ۽ تربيت جو سلسلو اڃا ابتدائي منزلون طئي ڪري رهيو هو ته سندس والد هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو، تنهن کان پوءِ کيس سندس وڏي ڀاءُ حضرت خواجه فخر جهان نپايو. جنهن جي نگرانيءَ ۾ خواجه غلام فريد باطني علمن ۾ ڪماليت حاصل ڪئي، پوءِ پنهنجي وڏي ڀاءُ جي هٿ تي بيعت ڪيائون.

دنيا ڏنو ته وڏي ڀاءُ، ننڍي ڀاءُ کي نهايت شفقت ۽ محبت سان پالي وڏو ڪيو ۽ کيس طريقت ۽ سلوڪ جي منزلن کان واقف ڪيائين. تصوف جي اسرارن ۽ رمزن جي سڄي ڄاڻ ڏنائين. ايتري قدر جو کيس شريعت ۽ طريقت جي اعليٰ ۽ ارفع منزل تي پهچائي ڇڏيائين. خواجه فريد کي سندس ڀاءُ محبت ۽ شفقت سان پاليو هو، ۽کيس به پنهنجي ڀاءُ سان تمام گهڻي محبت، الفت ۽ عقيدت هئي، جنهن جو اظهار هن پنهنجي شاعريءَ ۾ به ڪيو آهي. سندس ڀاءُ مرشد ۽ رهبر به هو. ڪامل مرشد جي رهبريءَ جو حق به پورو پورو ادا ڪيائين.

خواجه غلام فريد جڏهن 27 سالن جو ٿيو ته سندس ڀاءُ خواجه فخر جهان هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. خواجه غلام فريد تي جوانيءَ جي ڏينهن ۾ بيعت، طريقت ۽ هدايت جو بار اچي پيو. پاڻ نهايت ذميداريءَ سان ان فرض جي پوئواري ڪيائون. ڪين ان ڪم لاءِ گهڻي محنت ۽ رياضت ڪرڻي پيئي، پر پوءِ سندن آستانو ديني علمن جو محور ۽ مرڪز بڻجي ويو، نه رڳو علم جي اڃايلن جي اڃ اجهائڻ لڳو بلڪه طريقت جي پياسن لاءِ فيض ۽ برڪت جا درياءَ وهائي ڇڏيائين.

خواجه غلام فريد جي سڄي حياتي حقوق الله ۽ حقوق العباد جي پوئيواري ۾ گذري. ان بابت ڪتاب **"تذڪار فريد"** ۾ فاضل ليکڪ لکي ٿو ته:

"خواجہ غلام فرید پابند شریعت بزرگ تھے۔ اسلامی احکامات کی بجاآوری کی پابندی کرتے تھے بلکہ اپنے مریدوں کو اس کی تلقین کرتے رہتے تھے۔ مریدوں کے دونوں ہاتھ اپنے ہاتھوں میں لے کر کلمہ شریف پڑھاتے، سورت الاخلاص پڑھتے، تین دفعہ توبہ کرواتے اور نماز کی تاکید کرتے تھے۔ آپ نے خود نماز کی اس قدر پابندی فرمائی کہ اپنی زندگی کی آخری نماز تک تمام تر علالت کے باوجود ادا فرمائی۔" (1)

سندس تعلق چشتيه سلسلي سان هو، پر ڪيس چئني سلسلن تي ڪامل يقين ۽ عبور حاصل هو، انهيءَ ڪري چئني سلسلن ۾ بيعت ورتائين. انهيءَ بابت پروفيسر دلشاد ڪلانچوي، منتخب ديوان فريد ۾ لکي ٿو ته:

"آپ سلسلہ چشتیہ کے شیخ کامل تھے، لیکن چار سلاسل کے مجاز ہوئے۔ آپ قادریہ، سہروردیہ، چشتیہ اور نقشبندیہ، چاروں میں بیعت لیتے تھے، البتہ آخر عمر سلسلہ قادریہ کے افکار و اشغال آپ پر غالب آ گئے تھے، اس لئے آپ اسے بھی باقی سلسلوں پر غالب و افضل سمجھنے لگے تھے۔ آپ کے نزدیک ولی اللہ وہی ہے جو پورے طور متابعت نبوی کرے۔ جو لوگ تصوف کی آڑ میں جادہ شریعت نبویہ سے ہٹ جاتے ، آپ ان کے ساتھ بیعت کو ناجائز گردانتے تھے، اسی لئے آپ عقائد و اعمال کے لحاظ سے پکے اہلسنت والجماعت تھے۔ آپ اہلسنت والجماعت کے تینوں فرقوں یعنی فقہا، محدثین اور اہل تصوف میں سے اہل تصوف کو ہی سب پر فضیلت دیتے تھے۔ یہ فرقہ دونوں فرقوں کا بھی علمبردار ہوتا ہے۔" (2)

سندس غزلن ۽ ڪافين جو مجموعو "ديوان فريد" جي نالي سان مشهور آهي. سندس ڪلام ملتان ۽ بهاولپور ۾ بلڪه وچ پنجاب ۽ سنڌ ۾ به ڏاڍي ذوق ۽ شوق سان پڙهيو ۽ ٻڌو ويندو آهي.

خواجه غلام فريد صوفي شاعرن ۾ اميدپرستي جو شاعر آهي. ڪيس مايوسي ۽ قنوطيت کان نفرت هئي، ڪيس فراق ۽ وڇوڙي جي ورلاپن جي بيان ۾ هڪ ڌار حيثيت حاصل آهي. خواجه غلام فريد جي اهم تصنيف سندس شاعراڻي عظمتن جو دليل سندس ديوان آهي، جنهن ۾ سرائيڪي، سنڌي ۽ هندي ڪلام شامل آهي. اردو ۽ فارسي جا ڌار ديوان آهن. سندس موضوع ۽ مضمون گهڻو تڻو سلوڪ ۽ ولايت رهيو آهي.

مجازي عشق جي مهميز کان سواءِ عشق حقيقي تائين پهچڻ ڏکيو آهي. بظاهر خواجه غلام فريد جي ڪلام ۾ سندس مجازي محبوب ۽ مجازي عشق جي حوالي سان ڪو اشارو به موجود نه آهي، پر زباني ۽ مڪاني روايتن موجب سندس هڪڙي عشق جو پتو پوي ٿو، جنهن جو تعلق ملتان جي هڪ ادنيٰ گهراڻي سان هو، جنهن جو منطقي انجام

شرعي نڪاح تي ٿيو. انهيءَ بابت ڪتاب "**خواجہ فرید کے تین رنگ**" جو مصنف لکي ٿو ته:

"ایک دن انہوں نے (خواجہ غلام فرید نے) دیکھا کہ بھیڑوں کے کچھ بچے تپتے ٹیلے پر چڑھ گئے ہیں، جہاں ان کے پر جل رہے ہیں، وہ لڑکی انہیں بچانے کے لئے ٹیلے پر چڑھ رہی ہے۔ اس منظر نے خواجہ صاحب کو بے قرار کر دیا اور وہ اظراری حالت میں دوڑ کر لڑکی کے پاس جا پہنچے اور اس کے سر پر کپڑے کی چھتری کا سایہ کر دیا۔" (3)

ان ڇوڪريءَ لاءِ ته خواجه غلام فريد جو اهو عمل محض همدرديءَ جو هو، پر ڏسڻ وارا اهو منظر ڏسي سمجهي ويا ته اهو عمل نِلهي همدردي نه پر عشق جي مهميز هو، جنهن جي پڄاڻي شاديءَ تي ٿي.

خواجه غلام فريد تي شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست جي ڪلام جو اثر تمام گهڻو نظر اچي ٿو. ان جو هڪڙو ڪارڻ اهو آهي ته خواجه غلام فريد، سچل سرمست جي وفات کان 19 ورهيه پوءِ پيدا ٿيو. سچل سرمست جو سرائيڪي ڪلام سندس حياتيءَ ۾ ئي سنڌ توڙي پنجاب اندر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي چڪو هو، تنهن ڪري انهيءَ چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ ڪونهي ته سچل سرمست ۽ خواجه غلام فريد جو فڪر ۽ فلسفو ساڳيو آهي. سچل سرمست جي ڪلام تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته سندس ڪلام سنڌي توڙي سرائيڪي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. موضوع توڙي مضمون جي لحاظ کان، فڪر توڙي فن جي لحاظ کان سندس ڪلام افضل ۽ اعليٰ آهي. سچل سرمست جي ڪلام جو اثر خواجه غلام فريد تي سرس نظر اچي ٿو، تنهن بابت رشيد احمد لاشاري پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو ته:

"شاهه صاحب جي شاعري، سنڌي زبان ۾ هڪ جداگانه حيثيت رکي ٿي. خواجه صاحب سندس تصوف جي رنگ ۽ جذبات کان ڪٿي متاثر ٿيو هوندو، پر تغزل جو روح، جنهن کي خواجه صاحب ٻين ملتاني شاعرن لاءِ تقليد جو سبب بڻائي ڇڏيو، تنهن جو صحيح بنياد رکندڙ شاهه عبداللطيف ڀٽائي نه، بلڪه سچل سرمست ئي آهي. "ديوان فريد" جي شارح فقط شاهه صاحب جي عالمگير شخصيت کان متاثر ٿي ڪٿي اها راءِ قائم ڪئي آهي، ورنه خواجه غلام فريد جو سڄو روحاني تعلق سچل سرمست سان ئي آهي. قرآن شريف جي ٻنهي حافظن يعني حافظ عبدالوهاب 'سچل' ۽ حافظ خورشيد عالم 'فريد' پنهنجي پنهنجي رنگ ۾ تصوف جا اهي پوشيده اسرار ظاهر ڪيا، جو ايندڙ دنيا انهن کي ڪڏهن به وساري نٿي سگهي." (4)

ڏنو وڃي ته جغرافيائي لحاظ سان به خواجه غلام فريد جو سچل سرمست کان متاثر ٿيڻ بلڪل يقيني آهي، ڇاڪاڻ ته سرائيڪي ۽ ملتاني

هڪڙي ئي زبان آهي، جا سنڌ ۽ پنجاب جي وڏي ڀاڱي ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. سچل سرمست تصوف جا نڪتا ڪجهه هن ريت سلي ٿو:

هر مظهر دي وچ ظاهر هويا
ڪيا جي شاهه گدائ
انا الحق اوڏاهون آوي
سچو وچ صدائ

(رسالو ميان سچل فقير جو، ڀاڱو ڀهريون، ڪافي 24، ص: 113)

خواجه غلام فريد به ان الستي عشق جا راز ڪجهه هن ريت آلاپيا.

تيڏے نيناں تير چلايا
تيڏے رمزاں شور مچايا
الست بزار مرايا
لکھ عاشق مار گنوايا

(منتخب، ديوان خواجہ فريد، ص 4)

عشق الاهي آهي، ان ۾ ڪو شڪ ناهي. اتي هر خودپرست، خودپسند جو هٿ نه ٿو پهچي سگهي. بقول سرمست جي ته:

عشق عطا الاهي ملندا، نهين ڪوئي ڪسب ڪماوڻ دا،
ڪڪر تان ڪنهن هٿ نه آندا، سر تي ابر وساوڻ دا،
من تان ڪنهن تون مول نه سٽيا، هير هٿ ٺهاوڻ دا،
سچو سودا سردار سر دا ڪيتا، سوري سر چڙهاوڻ دا.

(سچل سرمست)

ڏنو وڃي ته هي تصوف جو اهو ڀهريون پيغام آهي. سنڌ جي سرمست پنهنجي مستي، ڪيف ۽ وجدان واري ڪيفيت ۾ بيان ڪيو آهي. ان جي تقليد ٻين ڪيترن شاعرن ڪئي آهي. ملتان جي شاعر خواجه غلام فريد، سرمست جي هن ڪيفيت کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ هن ريت پيش ڪيو آهي:

گمراہی سب زُہد عبادت
شاہد مستی عین ہدایت
جس جا کیتا عشق ظہور

نیــت فریــد نمــاز شــہودی
ہر شے وچ ہے رمز وجودی
سٹ مُلوانڑیں جـو مذکور
(منتخب، دیوان خواجہ فرید، ص 62)

الاهي عشق جو عرفان سڀني کي نه ملندو آهي ۽ اهو خاص و عام جي وس ۾ ناهي. شيخ بايزيد بسطامي بابت هڪ تذڪري ۾ هن ريت بيان ڪيو ويو آهي ته:

”هڪ ڀيري هن بارگاهه الاهيءَ ۾ عرض ڪيو ته ”اي پروردگار ڇو توسان محبت ڪرڻ وارن جو انداز آڱرين تي ڳڻڻ جيترو آهي؟“

آواز آيو ته ”بايزيد ڪڏهن بقالي جي دڪان تي ويو آهين؟“

بايزيد عرض ڪيو ته ”پروردگار ڪيئي ڀيرا بقالي جي دڪان کان گذريو آهيان.“

وري آواز آيو ته ”اتي ڇا ڏٺو اٿيئي.“

عرض ڪيائين ته ”خدايا بقالي جي دڪان تي هر گھڙي خريدارن جو هجوم هوندو آهي.“

آواز آيس ته ”ڪڏهن جوهري جي دڪان تي ويو آهين؟“

بايزيد عرض ڪيو ته ”اتان به گذريو آهيان، مگر ان جي دڪان تي ورلي ڪو خريدار ڏٺو اٿم.“

آواز آيو ته ”اسان جي محبت به جوهري جي دڪان جي مثل آهي، جنهن تي علم جي دسترس مشڪل آهي. اهوئي هن طرف ايندو، جنهن کي اسان جي طلب هوندي.“ (5)

خواجه فريد تصوف ۾ ابن العربي کي پنهنجو رهبر ڪامل ٻڌايو ۽ همه اوست جو قائل هو. تصوف جو ذڪر هجي ۽ شاعري ۾ حسن پرستي نه ملي، اهو ٿي نه ٿو سگھي. سڀني صوفي شاعرن جي ڪلام ۾ حسن و عشق جا بيان موجود آهن ۽ انهن حسن کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع ٻڌايو آهي. خواجه فريد به پنهنجي ڪلام ۾ حسن جو ذڪر ڪيو آهي، پر حسن مان مراد ”حسنِ ازل“ آهي. غور ڪجي ته تصوف قلبي واردات جو ٻيو نالو آهي ۽ خواجه فريد پنهنجي قلبي واردات جي اظهار لاءِ شاعريءَ جي چونڊ ڪئي. حقيقت ۾ صوفيانه ۽ عشقيه شاعري ۾ هڪ لطيف فرق آهي. صوفيانه شعر اندر کي روشن ڪري ٿو ۽ روحاني ڪيفيت پيدا ڪري ٿو ۽ عشقيه شعر جو ڪجهه حصو نفس پرستي سيکاري ٿو، سو جڏهن خواجه

فريد جي ڪلام تي نظر وجهجي ٿي ته اها پروڙ پوي ٿي ته سندس ڪلام حق ۽ سچ جي طالبن جي رهنمائي ڪري ٿو ۽ عشق حقيقي جي واٽ وٺندڙن جو سونهون بڻجي ٿو.

ٹُوں بن یار فرید دا جیون
جیندیں جی وچ ڈکھڑا تھیون
زہر ڈسیو سے کھاون پیون
تیڈے سر دی سوں ہے یار.
(منتخب دیوان خواجہ
فرید،ص 38)

شاعري جيڪڏهن پيغام کان محروم آهي ته ان جي زندگي پاڻيءَ تي قوتي مثال آهي، ڪنهن کي ضرورت پئي آهي ته ان کي پڙهي ۽ پنهنجو وقت ضايع ڪري. انهيءَ ڪسوٽيءَ تي اسان جي صوفي شاعرن جي ڪلام کي وڏي اهميت حاصل آهي. خواجه غلام فريد جي ڪلام تي نظر وجهندي ئي معلوم ٿئي ٿو ته وٽس ڪهڙو ناياب وکر موجود آهي.

هن حقيقت کان واقف ٿيڻ تمام ضروري آهي ته صوفياڻي شاعريءَ جي ترڪيب ۾ ڪهڙا جزا موجود آهن، ان بابت تذڪره لطفي جو ليکڪ لطف الله بدوي لکي ٿو ته:

”معلوم اهو ٿو ٿئي ته صوفين جي فروش ۽ درد ۽ والهانه زندگي جي ترڪيب سان ئي شاعري وجود ۾ آئي آهي. دل ۾ جيڪڏهن جذبات جي ڪثرت هوندي آهي ته زبان مان فرياد بي اختيار نڪري ويندي آهي. صبر آزما منزلن کان گذرندي، هڪ صوفي پنهنجي جذبي کي مترنم نغمي جي صورت ۾ ڏسڻ چاهيندو آهي. هي زمزمه سخني صوفين جي اصطلاح ۾ سماع سڏبو آهي. خدا ٿو بهتر ڄاڻي ته صوفي جي دل ڪهڙي نظاري کان متاثر ٿي، پهريائين شعر پوءِ سماع ۽ ان جي آخري منزل وجد تي پهچي ٿي، جنهن جو نتيجو ڪڏهن ڪڏهن مرگ ناگهاني به بڻجي پوندو آهي.“ شيخ فريد الدين عطار سچ چيو آهي ته:

کفر کافر دا و دین دیندار دا
ذرہ درد دل عطار دا۔ (6)

اهڙين ئي خوبين سان خواجه غلام فريد جو ڪلام به ٽمٽار آهي، جنهن ۾ فڪر ۽ فلسفي جا ماڻڪ موتي به آهن ته موسيقيءَ جا جوهر به ملن ٿا. خواجه غلام فريد جي هڪڙي ڪافي سندس سڄي ديوان جي جِنڊ دل آهي. ائين به چئي سگهجي ٿو ته اهو ڪلام ”هڪ ئي رانجهو لکان دا مٹ“ جيان آهي.

میڈا عشق وی تو، میڈا یار وی تو،
میڈا دین وی تو، میڈا ایمان وی تو،
جے یار فرید قبول کرے،
سرکار وی تو، سلطان وی تو،
(منتخب دیوان خواجہ فرید، ص 127)

هيءَ ڪافي نهايت لاجواب ۽ بي مثال آهي. هن ۾ وحدت الوجود جي فلسفي جي اپٽار ٿيل آهي. هيءَ ڪافي 50 مصرعن تي مشتمل آهي، جنهن جي هر هڪ مصرع دل ڇهندڙ آهي. جڏهن به هن ڪافيءَ کي پڙهيو يا ڳويي واتان ٻڌو وڃي ٿو ته ڇوندڙ ۽ ٻڌندڙ ٻنهي تي وجد طاري ٿي وڃي ٿو. صوفياڻي ڪلام جي سڀ کان اهم ۽ سهڻي خوبي اها آهي ته اها ٻڌندڙ ۽ پڙهندڙ تي وجداني ڪيفيت طاري ڪري ڇڏي ۽ اهو دنيا ومافيها کان بي خبر ٿي وڃي. محدود ساعتن تائين پنهنجو پاڻ کي وساري ڇڏي ۽ ڪلام ۾ گم ٿي وڃي.

خواجه غلام فريد جي ڪلام جي اڀياس کان پوءِ اها پلي پٽ پروڙ پوي ٿي ته خواجه فريد هر دور جو شاعر آهي. ان جو فڪر ۽ فلسفو آفاقيت تي ٻڌل آهي. سندس ڪلام ۾ سلاست، فصاحت، بلاغت، ترنم، ردم، لئي، بلند خيال (تخيل) جهڙيون سڀ خوبيون بدرجه اتم موجود آهن.

ڏٺو وڃي ته بنيادي طور تي خواجه غلام فريد صوفي شاعر هو ۽ ڪيس صوفي شاعرن ۾ هڪ اهم مقام حاصل آهي. سندس ڪلام "ڪافي" جي صنف ۾ چيل آهي. خواجه فريد پنهنجين ڪافين ۾ گوناگون موضوع ۽ مضمونن کي پيش ڪيو آهي. خواجه غلام فريد جي ان خوبي ۽ خاصيت بابت ڪتاب "**تذکار فرید**" جو مصنف لکي ٿو ته:

**"صنف کافی کو انہوں نے جامعیت عطا کی اور جملہ موضوعات کو کافی میں سمو دیا۔ طرہ یہ کہ کافی میں جملہ اصناف شاعری کی جھلک محسوس بھی ہوتی ہے، حتیٰ کہ رومانی داستانوں کے حوالے علامتی انداز میں دیئے۔ داستانوں کی تفصیلات سے گریز کے باوجود ایسا محسوس نہیں ہوتا کہ بات کسی لحاظ سے تشنہ رہ گئی ہے۔" (7)**

تمام صوفي شاعرن وانگر خواجه غلام فريد به منصور حلاج ۽ ابن العربي کان متاثر ٿيو ۽ پنهنجي ڪلام ۾ اڪثر عقيدت سان انهن جو نه رڳو ذڪر ڪيو اٿس بلڪه ابن العربيءَ کي پنهنجو امام مڃيو اٿائين. بقول خواجه غلام فريد جي:

رکھ تصدیق نہ تھی آوارہ،
کعبہ قبلہ دیر، دوارہ
مسجد مندر ھکڑو نور
حسن ازل تھیا فاش مبین
ہر ہر گھاٹی وادی ایمن
ہر ہر پتھر ہے کوہ طور
ملوانے دے واعظ نہ بھانے
بیشک ساڈا دین ایمانے
ابن العربی دی دستور
عاشق مست مدام ملامی
کہیہ سبحانی بن بسطامی
آکھ انالحق تھی منصور.
(دیوان خواجہ فرید)

ڏنو وڃي ته عشق انسان کي دنياوي فڪر کان آزاد ڪري ،حق ۽ سچ جو طالب بڻائي ٿو. عشق هڪ قسم جي اندروني قوت آهي. اهو عشق ئي آهي جو طاقت به آهي ۽ تحرڪ به آهي. عشق انسان کي عمل لاءِ اتساهه ڏياري ٿو. عشق اصل ۾ خدا جو جوهر آهي، جيڪو انسان جي اندر ۾ آهي. خواجه غلام فريد جي عشق بابت فلسفي جو ذڪر ڊاڪٽر مهر عبدالحق پنهنجي مضمون ”عشق ہے چیز لذیذ عجیب“ ۾ لکي ٿو ته:

”عشق نے سکون، دل جھوک اجاڑ دی ہے، تن بدن بلکہ ہڈیوں تک کی بنیاد جڑ سے اکھاڑ دی ہے۔ یار سجن ایک سک ہے جو ہمیں تمام تکلیفیں سہنے کے قابل بناتی ہے۔ عشق قاتل نے دل کو لوٹ لیا۔“ (8)

ھن عشق ونجایم چس سائیں
لکھ وار ساڈی بس سائیں
رات ڈینہاں تڑپھاواں
اتے رو رو حال ونجاواں
رحم نہ کیتو خس سائیں
(منتخب خواجہ غلام فرید، ص 132)

ڊاڪٽر اياز احمد ”اياز“ صادق آبادي، خواجه غلام فريد کي سرائيڪي شاعريءَ جو سچل ڪونيو آهي. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي مضمون ”سرائيڪي جو سچل خواجه غلام فريد“ ۾ لکي ٿو ته:

”خواجه صاحب جي شاعريءَ ۾ فرقت جو درد آهي، مگر ان ۾ اهو ناهي ته ”خدا ڪري تنهنجو رنگين شباب ئي نه رهي.“ ان جي برعڪس وفا

شناس ۽ وفا شعار صوفين سڳورن پٽائي پلاري شاهه عبداللطيف، درازن جي دولهي سچل سائين واري نيازمندانه ۽ عجز و انڪساري واري روايت آهي ته "ڪا مون ۾ ئي گهٽ نه ته سڄڻ سڀاجهو گهٽو" يا "ننگڙا نماڻي دا جيوين تيوين پالڻا" جي مصداق وچوڙي جا وڏ ٿو سهي، مگر پوءِ به دلربا کي دعائون ٿو ڪري ته:

ایہہ دل مُٹھڑی گندڑی مندڑی جاون لادی
برہوں دی بندڑی
ازلوں تانگھ دا تیر جانی جوڑ چونبھایا
تھیاں سرسبز فرید دیاں جھوکاں سہجوں
خُنکی چائی سوکاں
نندر نہ ماون کھیر مولا ماڑ وسایا
(منتخب دیوان غلام فرید)

پنهنجي درد فراق جو ذڪر انهيءَ پياري ۽ پرپائيندڙ لهجي ۾ ٿو ڪري ته:

پرديس ڏوُن ديدان اڙيان، وي يار!
ساڏيان وطن تون دليان، سڙيان،
وي يار!
خبر نهين انهان ڪمليان لوڪان،
تيغان تيز، برهون ديان نوڪان،
دردمندان سر ڪڙيان، وي يار! (9)
(ديوان خواجه فريد)

اهوئي سوز، اهائي لذت، خواجه صاحب جي ڪلام ۾ موجود آهي، جيڪا لطيف سرڪار ۽ سچل سرمست جي ڪلام ۾ موجود آهي. حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته سڀني صوفي شاعرن جو محور ۽ مقصد ساڳيو آهي، انهيءَ ڪري سندن ڪلام ۾ ساڳيو روح نظر اچي ٿو.

محبت جو بنيادي شرط ثابت قدمي ۽ ارادي جي پختگي آهي. مڪمل وابستگيءَ سان ئي نينهن جو ناتو نڀائي سگهجي ٿو. ان لاءِ ته خواجه غلام فريد فرمائي ٿو ته:

کیا حال سناواں دل دا
کوئی محرم راز نہ ملدا
مو نہہ دھوڑ مٹی سر پایم
سارا ننگ نموز ونجایم
کوئی پچھن نہ ڈیرھے آیم

ہتھوں الٹا عالم کھلدا
پنوں ہوت نہ کھڑ مُکلایا
چھڈ کلھڑی کیچ سدھایا
سوہنے جان پچھان رُلایا
کوڑا عذر نبھایم گھل دا
دل پریم نگر ڈون تانگھے
جتھاں پنڈے سخت اڑانگے
نہ راہ فرید نہ لانگھے
ہے پندھ بہوں مشکل دا
(دیوان خواجہ فرید)

خواجه غلام فريد جي شاعري يقيناً اعليٰ درجي جي شاعري آهي، جنهن بابت ڊاڪٽر علمدار حسين پنهنجي مقالي ”سرائکی ادب پر سندھی ادب کے اثرات“ ۾ لکي ٿو ته:

”کسی بھی اعلیٰ درجے کے شاعر کی طرح خواجہ صاحب کی شاعری کا کسی اور زبان میں ترجمہ کرنا ممکن ہی نہیں کیوں کہ ان کی کافیوں میں سرائیکی کلچر کا ماحول اس طرح رچ بس گیا ہے کہ ان سے الگ ہو کر ان کافیوں کا سارا تخلیقی حسن اور شعریت ختم ہو جاتی ہے۔“ (10)

ٻين ڪافي گو شاعرن وانگر خواجه غلام فريد جون چيل ڪافيون به تحت الفظ ۾ پڙهڻ لاءِ نه آهن بلڪ ڳائڻ لاءِ آهن. خواجه غلام فريد پاڻ ڪلاسيڪي موسيقي جي رمزن کان چڱيءَ طرح واقف هو ۽ وٽس ڪلاسيڪي، نيم ڪلاسيڪي انداز ۾ ڳائيندڙ گويا حاضر هوندا هئا. سندس ڪلام ڳايو وڄايو ويندو آهي. اڄ ڏينهن تائين سندس ڪلام پنجاب، هند ۽ سنڌ جا ڳائڻا نهايت سهڻي نموني ڳائين ٿا.

خواجه غلام فريد جي شاعري کي سرائيڪي شاعريءَ جو معراج چئجي ٿو، باوجود ان جي جو خواجه غلام فريد ٻين اساسي شاعرن جي ڀيٽ ۾ جديد دور جو شاعر هو، ڇاڪاڻ ته سندس حياتي ۾ ئي سڄي هندستان تي انگريز راڄ قائم ٿي چڪو هو. خواجه غلام فريد اهڙي ماحول ۾ اک کولي، جنهن ۾ هڪڙي پاسي لوڪ ادب ۽ ثقافت جون زباني روايتون پنهنجي پوري آب و تاب سان روشن هيون ته ٻئي پاسي وري تحرير جو سلسلو، انگريز سرڪار جي نگرانيءَ ۾ وڌڻ ويجهڻ شروع ٿيو. خواجه غلام فريد جي شاعريءَ ۾ قديم ۽ جديد، ٻنهي روايتن جو سنگم نظر اچي ٿو. جڏهن سندس شاعريءَ جو گهرائيءَ سان اڀياس ڪجي ٿو ته اها پروڙ پوي ٿي ته سندس شاعري جو اصل سرچشمو قديم زباني ۽ ڪلاسيڪي شاعري جي ثقافت

آهي. خواجه صاحب جي شاعري ۾ پراڻيون شعري روايتون مختلف لطيف ترين رنگ ۾ جامعيت سان موجود آهن.

خواجه صاحب پنهنجي دلي جذبن ۽ اڌمن جو ذکر نهايت سهڻي نموني ڪري ٿو:

ڈھولن تیڈی سک ڈھیر ہم
تانگھان گھنیاں چاہیں بہوں
کھپ کھپ کراں آہیں بہوں
تپ تپ اٹھن بھاہیں بہوں
ماہی پنل دلڑی لُٹی
دل لٹ کے تھیا راہی پٹھی
رُل رُل تھکی پھر پھر ہٹی
بوٹے، لئیاں کا نہیں بہوں
(دیوان خواجہ
فرید)

يا وري عشق ۾ عاشق جي جيڪا حالت ٿئي ٿي ۽ عشق جي ڪري عاشق پنهنجا حال وڃائي ٿو، تنهن ڪيفيت جو ذڪر ڪجهه هن ريت ڪري ٿو ته:

عشق لگا گھر وسریا
زر وسری وَر وسریا
وسریے کجلے سرخی مہندیاں
بولا بینسر وسریا
دیر، کنشت، دوراہ، مندر
مسجد منبر وسریا
ویساں کیچ فرید، نہ مڑساں
سُنج بر دا دڑ وسریا
(دیوان خواجہ
فرید)

خواجه غلام فريد جي ڪلام جا گوناگون رنگ آهن. بنيادي طور تي هو هڪ علمي ۽ صوفي گهراڻي جو فرد هو. روايتي اهل علم سندس علميت جا قائل هئا. سندس چيل ڪجهه ڪافين ۾ اسلامي تصوف سان گڏ عربي ۽ فارسي نهايت خوبصورتي سان استعمال ٿيل آهن. ڏنو وڃي ته اهي ڪافيون صوفياڻي مضمون جي منظوم شڪل آهن ۽ ڪٿي ڪٿي ته عالماڻي انداز شعريت کي پٺتي ڇڏي ڏنو آهي، تنهن جي باوجود خواجه غلام فريد جي ڪافين ۾ سندس اصل تخليقي جوهر نکريل نظر اچي ٿو:

ساڈے نال سدا توں وس پیا — ول ہس رَس، دل گھس پیا
بے پت دی بے پتڑی یاری — ظلم اندھاری بے نرواری
بہلوں لُٹ لیو دل ساری — پچھے چوری نس پیا
لانے پھوگ فرید سوہیساں — سٹ گھربار تے بار وسیساں
کرڑی تے ونج جھوکاں لیساں — اَج کل ٹوبھا وَس پیا
(منتخب خواجہ غلام فرید)

خواجه غلام فريد جي فن ۽ فڪر تي نظر وجهندي، ڊاڪٽر علمدار حسين پنهنجي مقالي "سندھی ادب کے سرائیکی ادب پر اثرات" ۾ لکي ٿو ته:

"خواجہ صاحب کی کافیوں سے یہ عیاں ہوتا ہے کہ ان کا اصل کمال یہ ہے کہ وہ بہاولپور اور روھی کے عام آدمی کے گفتگو کرنے، گانے اور خودکلامی کے انداز کو سرائیکی کے روزمرہ اور محاورہ کی دلکشی کے ساتھ شاعری بنا دیتے ہیں جو کہ ایک آسان کام ہرگز نہیں تھا .کیوں کہ عام لوگوں سے قرب جہاں شاعری میں تخلیقی عمومیت اور لافانیت پیدا کرتا ہے وہیں اس میں عمومیت اور ارکاکت پیدا ہونے کا خطرہ بھی ہوتا ہے جس سے شاعری خود اپنے ہی مخصوص وقت اور عوامی سطح ذوق کی زندانی بن کر آفاقیت کے درجے سے محروم ہوجاتی ہے، پھر اپنے زمانے کی دھول میں گم ہوجاتی ہے۔ خواجہ غلام فرید کی شاعری کا زیادہ تر حصہ (دیگر سرائیکی اور سندھی شاعروں کا یہی معاملہ ہے) اپنے عہد کے عام لوگوں کی بول چال ہی کی زبان کی ایک نکھری ہوئی شکل میں ہے اور یہ شاعر کے اس انداز میں ہے جسے اصطلاحاََ سہل ممتنع کہتے ہیں۔ خواجہ صاحب عمیق کیفیات عشق اور بھید بھری صوفیانہ واردات کو سہل، سادہ اور عام روزمرہ بول چال کی زبان میں حسن اظہار کے کمال تک پہنچا دیا۔ خواجہ غلام فرید کی شاعری کے فنی کمال کی بنا پر سرائیکی شاعری کے ساتھ ایک مسئلہ بھی ہوا اور وہ یہ کہ ان کی شاعری کی بے پناہ مقبولیت کی بنا پر ان کے ہمعصر اور بعد میں آنے والی پود کے شاعر خواجہ صاحب کی مقبولیت کےسامنے ماند پڑ کے رہ گئے۔" (11)

مٿي ڏنل تمام ڳالهين ۽ حوالن مان اها چڱي ريت پروڙ پوي ٿي ته خواجه غلام فريد سرائيڪي جو باڪمال شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪلام آفاقي آهي، سندس شاعريءَ جو محور ۽ مرڪز صوفياڻو فڪر ۽ فلسفو آهي. ڪيس پاڪستان جي صوفي شاعرن ۾ اهم مقام حاصل آهي. سندس شاعريءَ جو پيغام به ساڳيو شاهه ۽ سچل سرمست وارو آهي. پاڻ

وحدت الوجود جي فلسفي جو پرچار ڪندي نظر اچي ٿو، عوامي ٻولي ۾ عوام جي ڳالهه ڪري ٿو، جنهن ڪري ڪيس بي پناهه مقبوليت ملي آهي.

**حوالا:**


1. محمد اسلم میتلا، تذکار فرید (فن ، پیغام اور شخصیت)، سرائیکی ادبی بورڈ ملتان، 2002ع، ص 25
2. پروفیسر دلشاد کلانچوی، منتخب دیوان خواجہ فرید، اردو اکادمی بہاولپور، 1973ع، ص: س، ش
3. ڈاکٹر انوار احمد، خواجہ فرید کے تین رنگ، سرائیکی ادبی بورڈ ملتان، 1985ع، ص: 11
4. رشيد احمد لاشاري، سچل سرمست ۽ خواجه غلام فريد، نئين زندگي، جون 1954ع، ص: 15
5. لطف الله بدوي، تذڪره لطفي، جلد ٻيو، آر.ايچ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد، 1955ع، ص: 140 ۽ 141
6. لطف الله بدوي، تذڪره لطفي، جلد ٻيو، آر.ايچ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد، 1955ع، ص: 158 ۽ 159
7. محمد اسلم میتلا، تذکار فرید (فن، پیغام اور شخصیت)، سرائیکی ادبی بورڈ ملتان، 2002ع، ص: 122
8. ڈاکٹر مہر عبدالحق، فرد فرید، ملتان، ص: 113
9. ڊاڪٽر اياز احمد ’اياز‘، ماهنامو نئين زندگي، سرائيڪي جو سچل خواجه غلام فريد، آڪٽوبر 1977ع،ص: 158
10. ڈاکٹر عملدار حسین، سرائیکی ادب پر سندھی ادب کے اثرات، سنڌي ادب ۽ مرزا قليچ بيگ، شمس العلماء مرزاقليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 2013ع، ص: 207
11. ڈاکٹر عملدار حسین، سرائیکی ادب پر سندھی ادب کے اثرات، سنڌي ادب ۽ مرزا قليچ بيگ، شمس العلماء مرزاقليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 2013ع، ص: 216